محرم الحرام1445ھ/اگست2023ء

# ماہوار
# فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن



قرآنِ ڪريم جي تفسير

# صبرِ انبياءِ ڪرام عَلَيهِ السَّلام

مفتي محمد قاسم عطاري

الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۳﴾

ترجمو: بيشڪ الله صابرن سان گڏ آهي.

(پ 02، البقرة:153)

هن آيت ۾ صبر جي عظيم فضيلت بيان فرمائي ته الله تعاليٰ جي تائيد ۽ نصرت ۽ حمايت ۽ مدد صبر وارن سان گڏ آهي. صبر جي لفظي معني آهي ”روڪڻ“ ۽ شريعت جي اصطلاح ۾ صبر جي معنيٰ آهي: ”نفس کي ان شيءِ تي روڪڻ، بيهارڻ، جمائڻ، ثابت قدم ڪري ڇڏڻ، جنهن تي ثابت قدم رهڻ جي عقل ۽ شريعت تقاضا ڪري رهي هجي يا نفس کي ان شيءِ سان باز رکڻ جنهن کان بچڻ جي عقل ۽ شريعت تقاضا ڪري رهي هجي.“ (المفردات، ص273) هن اعتبار سان خدا جي مرضي ۽ حڪم تي پاڻ کي لگام ڏيڻ ۽ ان تي جمي رهڻ به صبر آهي ۽ گناهن کان رڪجڻ صبر آهي. انهي ۾ صبر جي صورت ۾ هي به داخل آهي ته مشڪلات جي وقت رڙيون ڪرڻ، واويلو ڪرڻ، ٻين کي ٻڌائيندو وتڻ ۽ بي صبري ۽ ناشڪري جا ڪلما چوڻ کان زبان کي روڪيو وڃي.

زندگي خوشين جو ساگر آهي، نه غم جو درياء. اهڙو شخص ڳولڻ کان به نه ملندو جنهن کي زندگي ۾ ڪڏهن معمولي به تڪليف نه پهتي هجي ۽ نه ئي اهڙو ڪو ملندو جنهن پريشاني، تڪليف ۽ غم کان سواءِ ڪجهه نه ڏٺو هجي، زندگي خوشي ۽ غمي جي مجموعي سان ترتيب ماٽيندي آهي ۽ مومن ٻانهو خوشي کي شڪر سان زينت ڏيندو ۽ غم کي صبر سان پري ڪندو آهي غم زندگي جو لازمي حصو آهي، بقول شاعر:

قیدِ حیات و بندِ غم اصل میں دونوں ایک ہیں
موت سے پہلے آدمی غم سے نجات پائے کیوں

قرآن مجيد ڪائنات جي افضل ترين انسانن يعني نبين سڳورن عَلَيهِم السَّلام جون

پاڪيزه زندگيون جن عظيم مقصدن جي لاءِ بيان ڪيون آهن، انهن مان هڪ مقصد پاڪيزه زندگي جي حقيقي مادن جي عملي تصوير پيش ڪرڻ به آهي. احقاقِ حق، ابطالِ باطل، عبديت ۽ محبت، حق جو ڪلمو بلند ڪرڻ، خوف ۽ ڊپ، تقويٰ، حڪمراني ۽ امت جي اصلاح، صبر و شڪر هنن تمام عظيم صفتن ۾ انهن پاڪ هستين جو ڪردار ڪهڙو هيو؟ قرآن مجيد انهي بيان تي مشتمل آهي. هن مضمون ۾ انبياءِ ڪرام عليهم السّلام جي مبارڪ حيات ۾ صبر جي وصف کي قرآن جي روشني ۾ ملاحظ ڪيو:

### حضرت نوح عَلَيهِ السَّلَام ۽ صبر؛

حضرت نوح عليه السّلام جي زندگي لڳاتار جدوجهد سان روشن آهي، الله پاڪ کين دين جي تبليغ جي لاءِ طويل عرصو عطا فرمايو، قرآن ڪريم ۾ آهي:

فَلَبِثَ فِيهِمْ أَلْفَ سَنَةٍ إِلَّا خَمْسِينَ عَامًا ؕ

ترجمو: اهو(نوح) ان (قوم) ۾ پنجاه سال گهٽ هڪ هزار سال رهيو.(پ 20، العنڪبوت:14). هن ساڍا نو سو سال جي زندگي ۾ پاڻ عليه السّلام مسلسل قوم کي خدا تعالي جي توحيد، عبادتِ الٰهي ۽ پنهنجي اطاعت جي دعوت ڏيندا رهيا، پر سندس جواب ۾ قوم جو طرزِ عمل دشمني، مذاق مسخري، تحقير ۽ بدڪلامي تي مشتمل رهيو، پر ان جي باوجود پاڻ صبر ۽ همت ۽ بردباري ۽ برداشت جو مظاهرو فرمايو ۽ پنهنجي تمام ڪاوشن کي خدا جي حضور ۾ هيئن عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ ڪريم! بيشڪ مون پنهنجي قوم کي رات ڏينهن دعوت ڏني، ته منهنجي سڏڻ سان انهن جي ڀڄڻ ۾ ئي اضافو ٿيو ۽ بيشڪ مون جيترا ڀيرا انهن کي سڏيو ته جيئن تون انهن کي بخشي ڇڏين ته انهن پنهنجي ڪنن ۾ پنهنجون آڱريون وجهي ڇڏيون ۽ پنهنجي منهن تي ڪپڙا ڍڪي ڇڏيا ۽ هُو جميل رهيا ۽ گهڻو تڪبر ڪيو، پوءِ يقيناً مون انهن کي بلند آواز سان دعوت ڏني، پوءِ يقيناً مون انهن کي اعلانيه به چيو ۽ آهسته خفيه به چيو.(پ 29، نوح:5تا9) ايترو ڊگهو عرصو گذارڻ کان بعد جڏهن قوم تي هر طرح جي حُجت مڪمل ۽ دليل واضح ٿي ويا، تڏهن وجي پاڻ عليه السّلام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ قوم کان نجات جي دعا گهري ۽ الله پاڪ ان دعا کي شرف قبوليت عطا فرمايو.

### حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام ۽ صبر؛

حضرت ابراهيم عليه السّلام جي زندگي به آزمائشن ۽ امتحانن سان ڀريل آهي، قرآن ڪريم فرمايو:

وَإِذِ ابْتَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ رَبُّهُ بِكَلِمَاتٍ فَأَتَمَّهُنَّ ؕ

ترجمو: ۽ ياد ڪيو جڏهن ابراهيم کي ان جي ربّ ڪجھ ڳالهين ذريعي آزمايو ته ان انهن کي پورو ڪيو.(پ 01، البقرة:124) پاڻ عليه السّلام ڪيئي ڀيرا سخت ترين آزمائشن ۾ مبتلا ٿيا، پر الله تعالي جي رضا تي راضي

رهيا ۽ صبر ۽ مضبوط همتي جي برڪت سان هر پيرو ڪامياب ۽ ڪامران رهيا. پاڻ پنهنجي چاچي ۽ سڄي قوم ڪي اڪيلي سِرُ للڪاري بُتن جي پوڄا ڪان منع ڪيو، پوءِ جرئت ۽ همت سان قوم جي بتن ڪي ڀ ڀڃي ٽوڙيو جنهن جي نتيجي ۾ قوم پاڻ عليه السّلام ڪي ساڙڻ جو فيصلو ڪيو، جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي:

قَالُوْا حَرِّقُوْهُ وَ انْصُرُوْۤا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿۶۸﴾

ترجمو: چيائون: ان ڪي ساڙيو ۽ پنهنجي خدائن جي مدد ڪيو جيڪڏهن توهان ڪجھ ڪرڻ وارا آهيو. (پ 17، الانبياء:68) پر حضرت ابراهيم عليه السّلام ڪمال صبر ۽ استقامت ۽ توڪل ۽ قضا تي راضي رهندي باھ ۾ وڃڻ ڪي قبول ڪيو ۽ خداوندي قدوس صبر ۽ توڪل تي پنهنجي خصوصي مدد ۽ نصرت عطا فرمائي ۽ باھ ڪي حڪم ڏنو:

يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ ﴿۶۹﴾

ترجمو: اي باھ ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي وڃ. (پ 17، الانبياء: 69) باھ مان محفوظ واپسي ڪان بعد صبر ۽ برداشت جو سلسلو مزيد جاري رهيو ته پوءِ پاڻ عليه السّلام پنهنجي زال ۽ ڀائيٽي لوط سان ”عراق“ ۽ ان ڪان بعد ”حرّان“ پوءِ ”حلب“ ۽ پوءِ ”جبل بيت المقدس“ هجرت فرمائي. سندن هن هجرت ڪي خدا جي طرف هجرت قرار ڏنو، جيئن ته ارشاد ٿيو:

وَ قَالَ اِنِّيْ مُهَاجِرٌ اِلٰى رَبِّيْ ؕ

ترجمو: ۽ ابراهيم فرمايو: مان پنهنجي ربّ جي (سرزمين جي) طرف هجرت ڪرڻ وارو آهيان.

(پ 20، العنڪبوت:26)

پوءِ خدا تعالي جي حڪم تي پنهنجي گهر واري ۽ پٽ حضرت اسماعيل عليه السّلام ڪي ساڻ ڪري شام ملڪ اچي حرم جي ويران سرزمين تي ڇڏي آيا، جتي ميلن تائين آبادي جو ڪو نالو نشان به نه هيو، پاڻي جو ڦڙو ۽ اناج جو داڻو به نه هيو. جيئن قرآن مجيد ۾ سندن ڪلام هيئن ذڪر ٿيو آهي.

رَبَّنَاۤ اِنِّيْۤ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ

ترجمو: اي اسان جا رب! مان پنهنجي ڪجھ اولاد ڪي تنهنجي عزت واري گهر وٽ هڪ اهڙي وادي ۾ رهايو آهي جنهن ۾ فصل ناهي ٿيندي. (پ 13، ابراهيم:37) سڄي زندگي جي ساٿي ۽ پوڙهائپ جي لاڏلي اولاد ڪي خدا جي حڪم تي ريگستان ۾ ڇڏي اچڻ صبر جي چا ته عظيم مثال آهي، هن جو اندازو شايد ئي ڪو لڳائي سگهي ٿو.

ان ڪان بعد خدا تعالي جي حڪم تي پنهنجي عزيز، نوجوان پٽ جي گردن تي ڇري هلائي ڇڏي ۽ پٽ به اڳيان ڪان صبر ۽ استقامت جو پيڪر بڻجي ڏيکاريو. قرآن

ڪريم ۾ هن صبر جي داستان کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْیَ قَالَ یٰبُنَیَّ اِنِّیْۤ اَرٰی فِی الْمَنَامِ
اَنِّیْۤ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰی ؕ قَالَ یٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا
تُؤْمَرُ ۫ سَتَجِدُنِیْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیْنَ ﴿۱۰۲﴾ فَلَمَّاۤ
اَسْلَمَا وَ تَلَّهٗ لِلْجَبِیْنِ ﴿۱۰۳﴾ۚ وَ نَادَیْنٰهُ اَنْ یّٰۤاِبْرٰهِیْمُ
﴿۱۰۴﴾ۙ قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْیَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِی
الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۱۰۵﴾

ترجمو: سو جڏهن اهو ان سان گڏ ڪوشش ڪرڻ جي قابل عمر کي پهتو ته ابراهيم چيس: اي منهنجا پٽ! مون خواب ۾ ڏٺو ته مان توکي ذبح ڪري رهيو آهيان. هاڻي تون ڏس ته تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ پٽ چيو: اي منهنجا پيءُ! تون اهو ئي ڪر جنهن جو توکي حڪم ڏنو پيو وڃي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ عنقريب تون مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين. پوءِ جڏهن انهن ٻنهي (اسان جي حڪم تي) ڪنڌ جهڪايو ۽ پيءُ پٽ کي پيشاني پر لِيٽايو (ان وقت جو حال نہ پڇ). ۽ اسان ان کي پڪاريو ته اي ابراهيم!.بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اهڙو ئي صلو ڏيندا آهيون.

(پ 23، الصّٰفّٰت: 102 کان 105)



مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

# دارُالافتاء اَھلِسُنّت

## (1) نوحو ڪرڻ يا ٻڌڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ڇا نوحو ڪري يا ٻڌي سگهجي ٿو؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

عام وارثن لاءِ 3 ڏينهن ۽ زال لاءِ 4 مهينا 10 ڏينهن سوڳ آهي، ان کانپوءِ کو به سوڳ ناهي. تنهنڪري ٽن ڏينهن کان پوءِ جتي سوڳ ڪرڻ منع آهي اتي بيهر غم ڪرڻ به جائز نه آهي، يعني فوت ٿيل يا شهيد ٿي وڃڻ واري کي اهڙي طرح ياد ڪرڻ جو ڏک ۽ غم تازو ٿئي اهو به جائز ناهي.

(فتاوی رضويہ،739/23،فتاوی رضويہ، 488/24)

جنهن موقعي تي سوڳ ڪرڻ جي اجازت آهي يعني عام وارثن لاءِ 3 ڏينهن ۽ زال لاءِ 4 مهينا 10 ڏينهن اتي به اهو ضروري آهي ته نوحو نه ڪيو وڃي. صدرالشريعه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نوحي بابت فرمائن ٿا ته: ” ميت(يعني مرڻ واري) جا اوصاف مبالغي سان (يعني وڌائي سڌائي) بيان ڪري آواز سان روئڻ نوحو آهي. ان کي بين به چوندا آهن بالاجماع حرام آهي. ائين ئي واويلو، هاءِ مصيبت، هاءِ گهوڙا چئي دانهون ڪرڻ.

(بهار شريعت، 854/1،فتاوی رضويہ،756/23)

نوحو حرام کم آهي(عا لمگيری،167/1) ۽ نوحو ڪرڻ وارن جي لاءِ حديثن ۾ سخت وعيدون آيون آهن ۽ ان کي ڪفر جي ڳالھ سڏيو ويو آهي يعني هي جاهليت جي ماڻهن جو طريقو آهي جيئن ته مسلم شريف جي حديث آهي:”عن ابی هريرة قال قال رسو ل الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اثنتا ن فی الناس هما بهم کفر الطعن فی النسب والنياحة“حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ماڻهن ۾ به ڳالهيون ڪفر آهن ڪنهن جي نسب ۾ طعن ڪرڻ ۽ نوحو ڪرڻ.

(صحيح مسلم،58/1)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: ”النائحة اذا لم تتب قبل موتها تقا م يوم القيا مة وعليها سربال من

قطران ودع من جرب“نوحو ڪرڻ واري جڏهن پنهنجي موت کان پهريان توبه نه ڪري ته قيامت جي ڏينهن بيهاري ويندي اهڙي طرح جو ان جي بدن تي گندرف جو ڪرتو هوندو ۽ خارش جو رئو.

(صحيح مسلم،1/ 303)

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (2) ڪارو ٻڪر يا ڪارو ڪڪڙ مريض جي مٿان گهمائي صدقو ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ڪو شخص بيمار آهي ته ان جي لاءِ چيو ويندو آهي ته ڪاري رنگ جو ٻڪرو يا مرغي وٺي مريض جي مٿان ست ڀيرا گهمائي صدقو ڪيو. هن طريقي جي باري ۾ شريعت مبارڪ جا ڇا احڪام آهن؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

احاديثِ مبارڪ جي مضمونن جي مطابق صدقو بلائن کي ٽاريندو آهي ۽ خاص طور تي جان جو صدقو ته هن معاملي ۾ نهايت ئي مؤثر ۽ نفعي بخش آهي پڻ ٻڪري وغيره صدقو ڪرڻ جو ثبوت ته حديثن ۾ به ملي ٿو، تنهنڪري ممڪن صورت ۾ بيمار جي طرفان استطاعت مطابق ڪو جانور صدقو ڪرڻ گهرجي.

مسند احمد جي حديث شريف آهي: ”عن أم سلمة أن امرأة أهدت لها رجل شاة تصدق عليها بها فأمرها النبی صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم أن تقبلها“ ترجمو: حضرت امِّ سلمه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا کان روايت آهي ته هڪ عورت کين هڪ ٻڪري جي ڇنگهه هديو ڪئي، جيڪا ٻڪري ان عورت تي صدقو ڪئي وئي هئي. ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کين ان ڇنگهه کي قبول ڪرڻ جو فرمايو.

(مسنداحمد،242/44)

البته صدقو ڪرڻ ۾ فقط ڪاري رنگ جو ٻڪرو ڏيڻ يا ڪاري رنگ ئي جو ڪڪڙ هجڻ يا صدقي جي شيءِ مٿان گهمائي ڏيڻ جي ڪا فضيلت اسان جي نظر مان ناهي گذري. هي عمل ممڪن آهي ڪنهن ٽوٽڪي جي طور تي ڪيو ويندو هجي. ٽوٽڪي جي طور تي ڪيو ويندڙ هر عمل ناجائز ناهي هوندو جيئن مٿي تي مرچون گهمائي ڪري نظر لاهڻ جو هڪ عمل عاملين جي طرفان ٻڌايو ويندو آهي. هي هڪ ٽوٽڪو آهي ان تي عمل ڪرڻ، جائز آهي. لهٰذا مٿان گهمائڻ واري ڳالهه کي ناجائز چوڻ جو ڪو سبب ناهي باقي هن جي فضيلت يا خصوصيت به ثابت ناهي.

(فتاوٰی رضويه، 185/24-186ملتقطاً،فتاوٰی خليليه، 494/1-495 ملتقطاً، حبيب الفتاوٰی، 1/ 667 ملتقطاً)

صدقو بلائن کي ٽاريندو آهي. جيئن ته شعب الايمان جي حديث پاڪ آهي:

”عن أنس بن مالك قال قال رسول الله صَلَّى اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: باکروا بالصدقة فإن البلاء لا يتخطى الصدقة“ يعني حضرت سيّدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ صبح سويري صدقو ڏيندا ڪيو ڇوتہ بلائون صدقي کان اڳتي قدم ناھن وڌائيندڀون.
(شُعَبُ الايمان،214/3)

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3) ڪجھ سال پھريان عمري دوران خوشبو لڳائي ھئي تہ ھاڻي ڇا ڪيان؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ مون ڪجھ سال پھريان عمرو ڪيو هيو ۽ عمري جي دوران مسئلن جو علم نہ هجڻ جي ڪري حالتِ احرام ۾ خوشبو لڳائي هئي، يعني اهڙي طرح جو مون ٻنهي هٿن تي عطر لڳائي ڪري هٿن تي ملي ڪري احرام تي لڳايو، هاڻي مون کي معلوم ٿيو آهي تہ ائين ڪرڻ صحيح ناهي هوندو، شرعي رهنمائي فرمايو تہ هاڻي ان جو ڪفارو ڇا ٿيندو؟ ۽ ڇوتہ ڏينهن ڪافي گذري ويا آهن تہ ڇا هاڻي بہ ادا ڪري سگهان ٿو؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ اوهان تي هڪ دَم لازم ايندو.(مناسک علی القاری، ص 551) ڇوتہ پھريان تہ جهڙي طرح اوهان خوشبو لڳائي هي قليل(گهٽ) ناهي هوندي بلڪ ڪثير هوندي آهي ۽ فرض ڪيو ان کي قليل بہ مڃيو وڃي تہ قليل خوشبو بہ حالتِ احرام ۾ جڏهن سڄي عضوي تي لڳائي وڃي، تہ دَم لازم ايندو آهي. (الفتاوی الهندية، 241/1، بهارِ شريعت،1163/1) فقهاءِ ڪرام ترڀءَ کي سڄو عضوو شمار ڪيو آهي. (البحر الرائق شرح کنز الدقائق ومنحة الخالق،3/3)، جيڪڏهن ڪنهن تي دَم واجب ٿيو تہ ان تي دم جي ادائيگي فوري طور واجب ناهي. بهتر اهو آهي تہ فوراً ادا ڪري، لهٰذا اوهان هاڻي بہ ڪفارو ادا ڪري سگهو ٿا. (لباب المناسک، ص542 ) پڻ ڪفاري جي قرباني حرم ئي ۾ ڪري سگهجي ٿي، پاڪستان وغيره، غير حرم ۾ نٿي ٿي سگهي. (فتاوی رضويہ، 713/10) جيڪڏهن اوهان هاڻي حرم ۾ پاڻ وڃي ادا نٿا ڪري سگهو تہ ڪنهن معتمد شخص کي رقم ڏئي ڪري حرم ۾ دم ڪرڻ جي لاءِ وڪيل ڪيو ۽ اهو شخص حرم ۾ اوهان جي طرفان دَم ادا ڪري.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

محرم 1445/ آگسٽ 2023

## موبائل تي قرآن ڪريم پڙهڻ واري جي طرف پٺي ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪو موبائل ۾ قرآن ڪريم پڙهي رهيو هجي تہ ان جي طرف پٺي ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن قرآن ڪريم ڪتابي صورت ۾ هجي تہ ڪوبہ سمجهدار انسان ان طرف پٺي ڪرڻ پسند نہ ڪندو. ها! جيڪڏهن ڪو شخص موبائل تي ڏسي ڪري قرآن ڪريم پڙهي رهيو هجي تہ ان جي اڳيان ويٺل شخص کي ڪيئن خبر پوندي تہ ان جي پٺيان ڪو ماڻهو قرآن شريف پڙهي رهيو آهي؟ پڻ ڏسڻ وارو بہ هي نہ چوندو تہ قرآن شريف جي طرف پٺي ٿي رهي آهي. هن انداز کي ڪنهن عالم سڳوري بي ادبي چيو هجي ايئن ٻڌو ناهي.

(مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراویح، 21رمضان شریف 1441ھ)

## محرم شريف ۾ پيرين اگهاڙو رهڻ ڪيئن؟

**سوال:** محرم شريف جو چنڊ نظر ايندي ئي ڪجھ عورتون ۽ مرد جوتا پائڻ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ هي اسان جي منت(باس) آهي تہ انهن جو ايئن ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** محرم شريف جو چنڊ نظر ايندي ئي جوتا نہ پائڻ ۽ پيرين اگهاڙي رهڻ جيڪڏهن سوڳ جي نيت سان آهي تہ هي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ فعل آهي. شريعت پاڪ ۾ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ سوڳ جائز ناهي، البتہ عورت مڙس جي مرڻ تي چار مهينا ڏھ ڏينهن سوڳ ڪندي. جيڪڏهن ڪو سوڳ جي نيت سان نہ بلڪ هونئن پيرين اگهاڙو رهي ٿو تہ ڪو حرج ناهي ۽ نہ ئي اهو گنهگار ٿيندو، باقي محرم شريف جي ابتدائي ڏھ ڏينهن ۾ ڪجھ ماڻهو غم ۽ سوڳ جي ڪري پيري اگهاڙي رهندا آهن لهٰذا انهن جي مشابهت کان بچڻ گهرجي. پڻ پيرين اگهاڙي رهڻ جي منت ڪا شرعي منت ناهي جنهن کي پورو ڪرڻ واجب هجي ۽ نہ ئي اهڙي قسم جي منت مڃڻ ڪنهن فضيلت جو سبب آهي.

(مدنی مذاکره، 5محرم شریف 1440ھ)

## ”اللہ پاڪ بي پرواھ بادشاھ آھي“

**سوال:** اللہ پاڪ بي پرواھ بادشاھ آھي، ايئن چوڻ ڪيئن آھي؟

**جواب:** شرعي طور تي ھن ۾ ڪا حرج جھڙي ڳالھ ناھي. چوتہ لفظ ”بي پرواھ“ جڏھن اللہ پاڪ جي لاءِ چيو ويندو تہ معنيٰ ٿيندي: ان کي ڪنھن جي حاجت ناھي ۽ نہ ئي ان کي ڪنھن جي ضرورت آھي، نہ اھو ڪنھن کان ڊڄي ٿو، اھو بي پرواھ (بي نياز) بادشاھ آھي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراويح، 21رمضان شريف 1441ھ)

## محرم شريف ۾ وار يا ڏاڙھي نھرائڻ

**سوال:** محرم شريف ۾ وار يا ڏاڙھي نھرائي سگھون ٿا يا نہ؟

**جواب:** محرم شريف ۾ وار ڪترائڻ ۾ ڪو حرج ناھي. ڏاڙھي ڪترائڻ يا ھڪ مٺ کان گھٽائڻ حرام آھي چاھي محرم ھجي يا نہ ھجي. محرم شريف جي احترام ۾ ڏاڙھي رکڻ گھرجي ۽ جيڪا پھريان ڪترائي ان کان توبہ بہ ڪرڻ گھرجي ۽ پنھنجو ھيئن ذھن بڻائڻ گھرجي تہ شھيدِ ڪربلا حضرت سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ دين جي خاطر پنھنجي آل بلڪ پنھنجي جان بہ قربان ڪري ڇڏي، ڇا مان ھن دين جي احڪام تي عمل ڪرڻ جي خاطر ڏاڙھي بہ نٿو رکي سگھان؟ جيڪڏھن نماز نٿا پڙھو تہ ھيئن ذھن بڻايو تہ امام عالي مقام سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ سجدي ۾ سر ڪٽايو ۽ مون کان پڪن جي ٿڌي ھوا جي ھيٺان ويھي بہ پنج وقت نمازون نٿيون پڙھيون وڃن! بھرحال! ڏاڙھي بہ رکو ۽ پنج وقت نمازون بہ پڙھو. جيڪي نماز نٿا پڙھن اھي ھاڻي کان نماز شروع ڪن، ھي نہ سوچو تہ جمعي کان پڙھنداسين. جيڪڏھن قضا نمازون ھجن تہ انھن کي بہ ادا ڪيو.

(مدنی مذاکرہ، 9محرم شريف 1441ھ)

## راہِ خدا ۾ بيڪار شيءِ نہ ڏني وڃي

**سوال:** جيڪڏھن اسان وٽ ڪجھ اھڙا ڪپڙا ھجن جيڪي نہ پائڻ جي قابل ھجن ۽ نہ ئي ڪنھن کي ڏيڻ جي تہ اسان انھن ڪپڙن کي ڪٿي استعمال ڪيون جو ثواب ملي؟

**جواب:** اوھان کي بلڪل بيڪار ئي شيءِ تي ثواب گھرجي! ڪيسي ۾ ھٿ وجھو ۽ 100، 500 يا 5000 جو نوٽ ڪڍي ڪري چڱي نيت سان راھ خدا ۾ ڏيو ۽ ثواب جا حقدار ٿيو.

## نماز نہ پڙھڻ جي باوجود رزق ملڻ جو سبب

**سوال:** ڪيئي ماڻھو نماز ناھن پڙھندا پر ان جي باوجود اللہ پاڪ انھن کي رزق ڏيندو آھي ان جو ڇا سبب آھي.

**جواب:** رزق تہ ڪافرن کي بہ ملي ٿو بلڪ نعوذ باللہ جيڪي ماڻھو اللہ پاڪ کي برو ڀلو چوندا آھن، اللہ پاڪ انھن جي روزي بہ ناھي روڪيندو جو ھي ان جي مرضي ۽ شان آھي پر اھو پڪڙ بہ فرمائيندو. عوام روزي بند ھجڻ جو مطلب ھي سمجھندي آھي تہ تنگدستي اچي وئي ۽ پيسا گھٽ ٿي

ويا، پهريان پرانو ڪائيندا هئاسين هاڻي تندور جي سادي ماني ڪائڻي پئي ٿي. ياد رهي! روزي ان وقت بند ٿيندي آهي جڏهن ساهه بند ٿيندو ۽ موت اچي ويندو نه ته ٻانهو جيستائين زنده آهي روزي بند نه ٿيندي ڇوته روزي آهي تڏهن ته زنده آهيون. بي نمازي کي الله پاڪ ڍر ڏيندو آهي، انهي طرح جيڪي ماڻهو گنهگار يا ظالم يا نافرمان هوندا آهن انهن کي ڍر ڏني ويندي آهي.

(مدنی مذاکره،1ربيع الاوّل1441ھ)

## ڇا سيّد جي سيّد تي تعظيم لازم آهي؟

**سوال:** ڇا هڪ سيّد زادي تي ٻي سيّد زادي جي تعظيم لازم آهي.

**جواب:** جي ها! هڪ سيّد به ٻي سيّد جي تعظيم ڪندو، ايئن ئي هڪ عالم دين ٻئي عالمِ دين جي ۽ هڪ متقي ٻي متقي جي تعظيم ڪندو، سيئي هڪ ٻئي جي تعظيم ڪندا. نه هڪ سيّد جي لاءِ ٻي سيّد جي توهين ڪرڻ جائز آهي ۽ نه ئي هڪ عالم دين جي لاءِ ٻي عالمِ دين جي توهين ڪرڻ جائز آهي.

(مدنی مذاکره، 27صفر شريف 1441ھ)

## اي منهنجا ربّ! منهنجي ٻڌ

**سوال:** ” اي منهنجا ربّ! منهنجي ٻڌ!“ هي چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: الله پاڪ سميع ۽ بصير يعني ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارو آهي. پڇيل جملي مان مراد هي آهي ته اي منهنجا ربَّ! منهنجي دعا قبول فرماءِ.

(مدنی مذاکره، 27صفر شريف 1441ھ)

## ڇا ڪراچي وارو نوابشاهه وڃي قصر ڪندو؟

**سوال:** منهنجو وطنِ اصلي ڪراچي آهي ۽ مان نوابشاهه ۾ ڪم ڪندو آهيان ته ڇا مان نوابشاهه ۾ قصر نماز پڙهندس؟

**جواب:** نوابشاهه کان ڪراچي يا ڪراچي کان نوابشاهه جو شرعي فاصلو جيترو آهي. جيڪڏهن اوهان جو نوابشاهه ۾ پندرهن يا ان کان وڌيڪ رهڻ جو ارادو آهي ته اتي اوهان پوري نماز پڙهندا، نماز قصر ان صورت ۾ ٿيندي جو جيڪڏهن اوهان جو 15 ڏينهن کان گهٽ اتي رهڻ جو ارادو هجي ان صورت ۾ اوهان قصر نماز پڙهندا ۽ شرعي مسافر چورائيندا.

(مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 23رمضان شريف 1441ھ)



# بهترين عورت ڪير؟

مولانا ناصر جمال عطاري

رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان بهترين عورت جي باري ۾ پڇيو ويو ته فرمايائون:

اَلَّتِی تُطِیعُ اِذَا اَمَرَ وَتَسُرُّہٗ اِذَا نَظَرَ وَتَحْفَظُہٗ فِی نَفْسِہَا وَمَالِہٖ

يعني (بهترين عورت اها آهي) جنهن کي مڙس حڪم ڏي ته اها ان جي ڳالهه مڃي، جڏهن مڙس ان کي ڏسي ته اها ان کي خوش ڪري ڇڏي، اها عورت پنهنجي ۽ مڙس جي مال جي حفاظت ڪري(1)

رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هن حديثِ پاڪ ۾ هڪ ذميوار گهر واريءَ جون نهايت اهم خصوصيتون بيان ڪيون آهن: (1) حڪم مڃڻ واري (2) مڙس کي خوش رکڻ واري (3) مال ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻ واري.

**(1) حڪم مڃڻ واري:** بهترين عورت جي خوبين مان هڪ خوبي مڙس جي فرمانبرداري ۽ خدمت گذاري کي پنهنجي ذميداري سمجهڻ آهي. حديث پاڪ ۾ آهي ته جيڪڏهن مڙس پنهنجي عورت کي هي حڪم ڏي ته پٿرن کي سُرخ (ڳاڙهي) جبل کان ڪاري جبل تائين کڻي وڃي يا ڪاري جبل کان سرخ جبل تائين کڻي وڃي ته عورت تي حق آهي ته اها مڙس جو هيءُ حڪم مڃي.(2) هي مڙس جي اطاعت جي تاڪيد ڪرڻ جي حوالي سان مبالغي طور فرمايو ويو آهي ڇوته ڪاري جبل جي قريب سرخ جبل يا سرخ جبل جي قريب ڪارو جبل ناهي هوندو، هي تمام پري پري هوندا ته جڏهن ايترو پري موجود هڪ جبل کان ٻي جبل تائين پٿر کڻي وڃڻ جو حڪم مڃڻ جي تاڪيد آهي جيڪا گهڻي مشڪل به آهي ۽ بي فائده به، ته مڙس جي ٻين اهم احڪامن جي اهميت ڪيتري وڏيڪ هوندي! (3)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي ته جڏهن ڪو مرد پنهنجي گهر واري کي سڏي ته اها جيتوڻيڪ چلهي تي ويٺي هجي ان تي لازم آهي ته اها اتي مڙس وٽ هلي اچي.(4)

مڙس کي حڪم ڏيڻ ۾ هن ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي ته اهو حڪم شريعت جي مطابق هجي، جيڪڏهن مڙس شريعت جي خلاف ڪنهن ڳالهه جو حڪم

ڏي ته زال تي حڪم نه مڃڻ لازم آهي. (5)

**(2) مڙس کي خوش رکڻ واري:** بهترين عورت جي هڪ خوبي مڙس جا حق ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪرڻ ۽ مڙس کي خوش رکڻ به آهي. حديث شريف ۾ آهي ته جنهن عورت جي موت اهڙي حالت ۾ اچي ته مرندي وقت ان جو مڙس ان سان خوش هجي ته اها جنت ۾ ويندي.(6)

علامه عبدالرؤف مُناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا ته زال جيڪڏهن مڙس جي خوشي جو خيال رکندي ته ان جو هي عمل مڙس جي دين ۾ عفت(يعني مڙس کي بدڪاري کان بچائڻ) ۾ تمام گهڻو مددگار بڻجندو آهي. (7)

**(3) مال ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻ واري:** بهترين عورت جي ٽئين خوبي اها آهي ته مڙس جي مال ۽ عزت جي حفاظت ۽ پاڪدامني رکي.

رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي ته مومن پاڻهي تقويٰ کان بعد نيڪ گهر واريءَ کان بهتر ڪا شيءِ ناهي ماڻي. جيڪڏهن مڙس ڪنهن ڳالهه جي قسم کڻي وٺي ته عورت ان قسم کي پورو ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن مڙس غائب رهي ته عورت پنهنجي ذات ۽ مڙس جي مال ۾ خيرخواهي جو ڪردار ادا ڪندي رهي. (8)

هڪ فرمان هيئن آهي ته نيڪ عورت اڌ ايمان جي حفاظت جو سبب آهي. (9)

حديثِ پاڪ ۾ هي به آهي ته سڄي دنيا هڪ زندگي جو سازو سامان آهي ۽ دنيا جو بهترين سامان نيڪ عورت آهي. (10) حڪيم الامت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: عورت کي بهترين مال انهيءَ ڪري فرمايو ويو جو نيڪ زال مرد کي نيڪ بڻائي ڇڏيندي آهي، اها(نيڪ عورت) اُخروي نعمتن مان آهي، حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْه "رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً" جي تفسير ۾ فرمايو: (يعني ) خدايا! اسان کي دنيا ۾ نيڪ گهر واري ڏي ۽ آخرت ۾ اعلي حُور عطا فرماءِ ۽ باهه"يعني خراب" گهر واري جي عذاب کان بچاءِ. جيئن چڱي گهر واري خدا جي رحمت آهي ايئن ئي خراب گهر واري خدا جو عذاب آهي. (11)

خلاصو هي نڪتو ته گهر واريءَ کي گهرجي ته پردي ۾ رهي ۽ مڙس جي عزت جي حفاظت ڪري، مڙس جي مال ۽ مڪان و سامان ۽ پاڻ پنهنجي ذات کي مڙس جي امانت سمجهي ڪري هر شيءِ جي حفاظت ۽ نگهباني ڪري. پنهنجي مڙس کان سواءِ اجنبي مرد تي نگاهه نه وجهي ۽ نه ڪنهن جي نگاهه پاڻ تي پوڻ ڏي، مڙس جي موجود نه هجڻ جي صورت ۾ عورت تي لازم آهي ته اها پاڻ پنهنجي ۽ مڙس جي مال جي حفاظت ڪري.

علامه عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته جنهن کي ٽن خوبين واري گهر واري ملي وئي ته اهو شخص ڪامياب آهي. (12)

**برڪت واري عورت ڪير؟** رسول الله

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ برکت واري عورت جي هڪ خوبي اها ارشاد فرمائي آهي تہ وڌي برکت واري عورت اها آهي جنهن جو مهر آسان هجي. (13)

عورت کي گهرجي تہ مڙس جي آمدني جي حيثيت کان وڌيڪ خرچ نہ گهري بلڪ جيڪو ڪجھ ملي ان تي صبرو شڪر سان خوشي سان زندگي گذاري، پنهنجي پسند جون شيون نہ ملڻ تي هرگز شڪوه شڪايت نہ ڪري. جيڪڏهن مڙس پڇي تہ مان تنهنجي لاءِ ڇا آڻيان تہ عورت کي گهرجي تہ مڙس جي مالي حيثيت کي ڏسي پنهنجي پسند جي شيءِ طلب ڪري ۽ جڏهن مڙس شيءِ آڻي تہ جيتوڻيڪ ان ۾ ڪا ڪمي هجي پوءِ بہ ان تي خوشي جو اظهار ڪري. ايئن ڪرڻ سان مڙس جي دل خوش ٿيندي. پاڻ ۾ محبت وڌندي. جڏهن تہ عورت مڙس جي آندل شيءِ تي ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو ۽ ان مان عيب ڪڍيو تہ مڙس جي دل ۾ زال جي طرفان نفرت پيدا ٿي ويندي ۽ اڳتي هلي لڙائي جهيڙا وڌندا ۽ زال مڙس جي خوشين ڀري زندگي خاڪ ۾ ملي ويندي. (14)

چڱي گهر واريءَ جون وڌيڪ بہ ڪيئي خاصيتون آهن جن مان 10 بيان ڪيون پيون وڃن: بهترين گهر واري اها آهي جيڪا (1) مڙس جي خوبين تي نظر رکي ۽ ان جي عيبن ۽ خامين کي نظرانداز ڪندي رهي (2) تڪليف برداشت ڪري بہ مڙس کي آرام پهچائڻ جي ڪوشش ڪري. (3) مڙس کان سندس آمدني کان وڌيڪ جو مطالبو نہ ڪري ۽ جيڪو ملي ان تي صبر و شڪر سان زندگي گذاري. (4) مڙس جي مصيبت ۾ پنهنجي وفاداري جو ثبوت ڏي (5) مڙس ڪنهن معاملي ۾ زيادتي ڪري ويهي تہ واويلو نہ ڪري بلڪ صلح ۽ صبر جو رستو اختيار ڪري (6) مائٽن ۽ ساهرن ٻنهي گهرن کي پنهنجو سمجهي، سيني جي عزت جو خيال ڪري. (7) پاڙيسرين ۽ ملڻ جلڻ وارين عورتن سان خوش اخلاقي ۽ شرافت وارو ورتاءُ ڪري. (8) ديني تعليمات ۽ نماز، روزي جي پابندي ڪري ۽ حقوق الله ۽ حقو الله العباد ادا ڪندي رهي. (9) ساهرن مان ڪو ناگوار ڳالھ ڪري تہ جواب نہ ڏي، خاموش رهي ۽ مڙس سان شڪوه شڪايت ڪري جهيڙي جو ماحول نہ بڻائي (10) مڙس جي والدين ۽ اچڻ وارن مهمانن کي بوجھ ۽ مصيبت نہ سمجهي بلڪ گهر جا ماڻهو سمجهندي حسن سلوڪ سان پيش اچي. (15)

گهر آباد رکڻ ۽ پُرسڪون زندگي گذارڻ جي لاءِ سمجهداري سان ڪم وٺڻ ضروري هوندو آهي. ڳالهائڻ جي جڳھ تي خاموش رهڻ ۽ خاموش رهڻ جي جڳھ تي ڳالهائڻ گهڻي قدر مشڪلات پيدا ڪري ڇڏيندو آهي تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن مسئلي کي سمجهداري سان هينڊل ڪيو وڃي تہ هي رستا خودبخود کُلي ويندا آهن. ڀلائي ان ۾ آهي تہ ڪوشش ڪري سوچ مثبت رکو،

مفاهمت جي پاليسي اپنايو ۽ ٽڪرائڻ جي بدران بچي هلڻ کي ڪاميابي سمجهو ته هي ئي زندگي کي پرسڪو گذارڻ جو رستو آهي. معافي گهرڻ ۽ معاف ڪرڻ به سمجهداري جي نشاني آهي تنهنڪري ڪوشش ڪيو ته هي نشاني اوهان جي شخصيت ۾ لازمي پاتي وڃي.

عورت کي هميشه ياد رکڻ گهرجي ته انهن خوبين کي اپنائي ڪري گهر جي نوڪر يا ڪنهن جي غلام ناهي بڻجي ويندي بلڪ گهر جي عزت ۽ آبروءِ سڀني جي نظر ۾ ادب جي حقدار ۽ ڪيئي معاملن ۾ ملڪ جي حيثيت اختيا ڪري ويندي آهي.

ڪنهن چاته خوب چيو آهي ته بي وقوف عورت مڙس جي نافرماني ڪري ۽ ان کي پنهنجو غلام بڻائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ايئن اها غلام جي زال بڻجي ويندي آهي جڏهن ته عقلمند عورت مڙس کي بادشاهه جي حيثيت ڏئي ملڪ بڻجي ويندي آهي.

(1)سنن کبری للنسائی،310/5،حدیث:8961

(2)ابن ماجہ، 411/2، حدیث: 1852

(3)حاشیۃ السندی علیٰ سنن ابنِ ماجۃ، تحت الحدیث:1852

(4)ترمذی، 386/2، حدیث: 1163

(5)التیسیر،528/1

(6)ترمذی، 386/2، حدیث:1164

(7)التیسیر، 528/1

(8)ابنِ ماجہ،414/2، حدیث:1857ملتقطاً

(9)معجم اوسط، 279/1، حدیث:972

(10)معجم اوسط،279/1،حدیث:972

(11)مرأة المناجیح،4/5

(12)التیسیر، 528/1

(13)مسند احمد، 478/9،حدیث: 25173

(14)جنتی زیور، ص53 ملخصاً

(15)جنتی زیور،ص62 مع اضافہ۔

بني اسرائيل ۾ متّي نالي عورت الله پاڪ جي پياري نبي حضرت الياس عَلَيہ السّلام جي خدمت ڪندي هئي پوءِ حضرت الياس عَلَيہ السّلام جبلن ۾ وڃي الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويا، ايتري ۾ ان عورت جي ڪيرپياڪ ٻار جو انتقال ٿي ويو، اها عورت ڏاڍي غمگين ٿي وئي آخرڪار حضرت الياس عَلَيہ السّلام جي ڳولها ۾ نڪري پئي ۽ جبلن ۾ گهمندي رهي الله پاڪ جي نبي حضرت الياس عَلَيہ السّلام کي ڳولهيندي رهي ايستائين جو هڪ ڏينهن حضرت الياس عَلَيہ السّلام کي ڳولهي لڌائين، عرض ڪرڻ لڳي: منهنجي پٽ جو انتقال ٿي ويو آهي ۽ منهنجي ڪا ٻي اولاد ناهي اوهان ربّ ڪريم کان دعا ڪيو تہ هو منهنجي پٽ کي زندھ ڪري ۽ منهنجي مصيبت کي ٽاري ڇڏي، مون ان کي هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي رکيو آهي ۽ اجا تائين دفنايو ناهي، حضرت الياس عَلَيہ السّلام فرمايو: الله پاڪ جي طرفان مون کي جنهن ڳالھ جو حڪم ملي ٿو مان اهو ئي ڪندو آهيان ۽ توهان جي پٽ جي لاءِ دعا جو مون کي حڪم ناهي مليو، اهو ٻڌي ڪري اها پٽ جي محبت ۾ زاروقطار روئڻ لڳي ۽ ڪڙڪڙائڻ لڳي، هي ڏسي ڪري حضرت الياس عَلَيہ السّلام ان عورت کي فرمايو: تنهنجو پٽ ڪڏهن مئو هيو، ان چيو: ست ڏينهن ٿيا اٿس. حضرت الياس عَلَيہ السّلام ان عورت سان گڏ هليو، ست ڏينهن تائين هلڻ کان بعد ان جي گهر پهتا، ٻار جي انتقال کي هاڻي 14 ڏينهن گذري چڪا هيا. الله پاڪ جي پياري نبي حضرت الياس عَلَيہ السّلام وضُو ڪيو پوءِ نماز ادا ڪئي ۽ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ دعا ڪئي تہ دعا جي برڪت ظاهر ٿي ۽ ٻار زندھ ٿي ويهي رهيو، حضرت الياس عَلَيہ السّلام هي ڏسي ڪري واپس جبلن ۾ تشريف کڻي ويا.(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت الياس عَلَيہ السّلام جي دعا سان زندگي ماڻڻ وارو هي

انبياءِ ڪرام عَلَيہ السّلام جا واقعات

# حضرت سيدنا يونس عَلَيہ السّلام



مولانا عدنان احمد عطاري

ٻار الله ڪريم جو پيارو نبي ۽ رسول حضرت يونس عليه السّلام هيو.

**مختصر سيرت: حضرت يونس** عليه السّلام

حضرت يعقوب عليه السّلام جي پٽ حضرت بنيامين جي اولاد مان آهن. (2) پنهنجي والده جي طرف نسبت سان صرف ٻہ ئي نبي مشهور آهن هڪ حضرت عيسي بن مريم عليه السّلام ٻيو حضرت يونس بن متّي (3) هڪ قول جي مطابق متّي سندن والد جو نالو آهي. (4) پاڻ عليه السّلام شهر رَملہ جي هڪ ولي الله حضرت زڪريا جي ڌيءَ سان شادي ڪئي پوءِ ڪجھ عرصو اتي رهيا، وليُ الله جي انتقال کان بعد بيت المقدس تشريف کڻي آيا ۽ الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويا.(5) پاڻ عليه السّلام ذڪرِ الٰهي سان پنهنجي زبان آلي رکندا هئا.(6) نبين سڳورن عليهم السّلام مان سيني کان وڌيڪ نمازون پڙهڻ وارا نبي آهن(7) پاڻ عليه السّلام پنهنجي دين کي محفوظ رکڻ جي لاءِ شام ملڪ هجرت ڪئي(8) پوءِ 40 سال جي عمر ۾ ڪين نبوت عطا ٿي ۽ عراق جي سرزمين مَوصِل جي ويجهو وسندي نينويٰ جي طرف موڪليا ويا (9) پاڻ عليه السّلام ان نافرمان قوم کي عذاب الٰهي کان ڊيڄاريو پر قوم باز نہ آئي، عذاب جا آثار نمودار ٿيا تہ قوم توبہ ڪئي الله پاڪ جي رحمت سان عذاب ٽري ويو پر ان توبہ جي باري ۾ سندن کي معلوم نہ ٿي سگهيو ۽ پاڻ هي سمجهيا تہ قوم مون کي ڪوڙو سمجهندي تنهنڪري درياء جي ڪناري آيا ۽ ٻيڙي ۾ ويهي رهيا، ٻيڙي درياء جي وچ ۾ پهتي تہ رڪجي وئي، هتي هڪ مڇي کين ڳيهي ڇڏيو.(10) پاڻ عليه السّلام 40 ڏينهن يا 20 يا 7 يا 3 ڏينهن يا انهي ڏينهن جو ڪجھ حصو مڇي جي پيٽ ۾ گذاريو(11) مڇيءَ جي پيٽ ۾ پاڻ عليه السّلام جنن، پاٽي، ريت، مڇي ۽ ٻين دريائي جانورن کي ذڪر الٰهي ڪندي ٻڌو، 10 محرم الحرام شريف جي ڏينهن پاڻ مڇي جي پيٽ مان ٻاهر تشريف کڻي آيا، (12) پوءِ الله ڪريم پاڻ عليه السّلام جي لاءِ هڪ ڪدو جو وڻ ڦٽايو، ڪدو جي وڻ جو ڦٽي وڃڻ حضرت يونس عليه السّلام جو معجزو آهي. ان کان بعد الله ڪريم ڪيس رسالت جي مرتبي تي فائز ڪيو ۽ ٻيهر انهي قوم جي طرف موڪليو ويو ۽ قوم سندن تي باقاعده ايمان آندو. (13) سندن چوڻ تي ٻڪري، وڻ ۽ زمين جي ٽڪري گواهي ڏني تہ هڪ ٻڪرار ڪائنس ملاقات ڪئي، معراج جي رات پياري آقا صلّی الله عليه واله وسلّم حضرت يونس عليه السّلام کي هڪ وادي ۾ ڏٺو تہ هُو هڪ طاقتور ڏاچي تي سوار آهن جنهن جي نٿ کجور جي تند ما ٽيل آهي، جسم تي هڪ اوني جبو آهي ۽ زبان تي جاري آهي: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (14) چوتہ کين مڇي ڳيهي وئي هئي تنهنڪري سندن لقب ذو النون پئجي ويو(15) ڪنهن کان سوال ٿيو تہ: اها ڪهڙي قبر هئي جيڪا هلندي ڦرندي رهي؟ جواب ڏنو: جڏهن يونس عليه السّلام مڇي جي پيٽ ۾ هئا تہ هي درياء ۾ هڪ هلندڙ ڦرندڙ قبر جيان هئي. (16) چيو وجي ٿو تہ 10 جانور جنت ۾ ويندا انهن مان هڪ يونس عليه السّلام جي مڇي بہ آهي. (17)

اڇو! الله پاڪ جي پياري نبي حضرت يونس عَلَيهِ السَّلام جي باري ۾ تفصيل ملاحظ ڪيون ٿا.

**عبادت:** حضرت يونس عَلَيهِ السَّلام جو شمار بني اسرائيل جي عبادت گذارن ۾ ٿئي ٿو، پاڻ نهايت ڪثرت سان نماز پڙهندا هئا هر روز ڪاڌو ڪائڻ کان پهريان 300 رڪعتون پڙهندا هئا ۽ تمام گهٽ سمهندا هئا. (18) منقول آهي ته پاڻ عَلَيهِ السَّلام ايترو رُنا جو اکيون هلي ويون ۽ ايتري قدر قيام ڪيو جو چيلهه جهڪي وئي ۽ ايتري قدر نمازون پڙهيون جو هلڻ ڦرڻ جي طاقت نه رهي.

**باھ جو سمنڊ:** پاڻ عَلَيهِ السَّلام بارگاھ الٰهي ۾ عرض ڪيو: تنهنجي عزت ۽ جلال جي قسم! جيڪڏهن منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ باھ جو سمنڊ هجي تڏهن به مان تنهنجي شوق جي ڪري ان ۾ داخل ٿي وڃان ها. (19)

**نينويٰ وارن جا نبي:** جڏهن عراق جي علائقي موصل ۾ نينويٰ وارن ۾ گناھ ڦهلجي ويا ۽ انهن جا جرم وڌڻ لڳا ته الله تعالي سندن کي انهن جي طرف مبعوث فرمايو. (20) هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ بيت المقدس جي مسجد ۾ نماز پڙهي رهيا هئا جڏهن فارغ ٿيا ته فرشتي عرض ڪيو: الله پاڪ حڪم ڏنو آهي ته اوهان نينويٰ وارن وٽ وڃي انهن کي ربّ تعاليٰ جي طرف سڏيو. (21) هي قوم بت پرستي ۾ مبتلا هئي پاڻ عَلَيهِ السَّلام انهن کي هن ڪم کان روڪيو ۽ الله پاڪ جي عذاب کان ڊيڄاريو پر قوم انڪار ڪيو ۽ پنهنجي هٺ ڌرمي تي قائم رهي.(22)

(1) تفسیر بغوی، 33/4، الصّٰفّٰت:123
(2) المنتظم فی تاریخ الملوک والامم، 395/1
(3) شرح الشفاء لعلی القاری، 298/1
(4) المنتظم فی تاریخ الملوک والامم، 395/1
(5) الانس الجلیل، 265/1
(6) زاد المسیر لابن الجوزی، 60/4
(7) تاریخ ابن عساکر، 281/74
(8) تاریخ ابن عساکر، 281/74
(9) المنتظم فی تاریخ الملوک والامم، 395/1
(10) بغوی، 36/4، الصفت:140
(11) بغوی، 37/4، الصفت:140
(12) فیض القدیر، 288/5، تحت الحدیث:7075
(13) تاریخ ابن عساکر، 290/74
(14) مسلم، کتاب الایمان، ص90، حدیث:420
(15) النہایہ فی غریب الحدیث والاثر، 92/1
(16) حاوی للفتاویٰ، 356/2
(17) غمز عیون البصائر شرح الاشباہ والنظائر، 131/4
(18) تاریخ ابن عساکر، 281/74
(19) احیاء العلوم، 85/5
(20) تاریخ ابن عساکر، 281/74
(21) تاریخ ابن عساکر، 282/74
(22) الانس الجلیل، 265/1۔

# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا



مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

(1) نماز ۾ عورت جي پيٽين جي پردي جو حڪم

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته نماز جي حالت ۾ عورت جي ٻنهي پيرن جون پيڏيون مسلسل کليل رهن ته ان صورت ۾ نماز جو ڇا حڪم آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ ٻئي پيڏيون کليل هجڻ جي حالت ۾ جيڪڏهن ڪنهن عورت نماز پڙهي ورتي، ته ان جي نماز ٿي ويندي، ها هن طرح نماز پڙهڻ بي ادبي ضرور آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن نامحرم مرد جي سامهون هن طرح نماز پڙهي، ته گنهگار ٿيندي جو عورت کي نامحرم جي سامهون پيڏيون لڪائڻ جو به حڪم آهي.

(فتاوی رضویہ،6/30)

نماز ٿي وڃڻ جي حڪم جي تفصيل هي آهي: نماز ۾ سترِ عورت جي اعتبار سان عورت جي حڪم ۾ گوڏن جي هيٺان کان وٺي ڪري پوري پِني پيڏيءَ سميت هڪ الڳ عضوو آهي.

(البحرالرائق،1/472،فتح اللہ المعین،1/160)

۽ ٻئي پنيون پيڏين سميت ٻه عضوا آهن (ردالمحتار،2/101،فتاوی رضویہ،6/41) ۽ اصول هي آهي ته اعضاءِ ستر مان ٻن عضون جو ڪجھ ڪجھ حصو کليل آهي ته جيترو کليل آهي اهو تمام ملي ڪري انهن ٻنهي عضون مان جيڪو ننڍو عضوو آهي جيڪڏهن ان جي چوٿائي حصي تائين پهچي وڃي ٿو، ته نماز نه ٿيندي. (فتاوی ھندیہ،1/58) نه ته نماز ٿي ويندي. (فتاوی رضویہ،6/30) پڇيل صورت ۾ ٻنهي عضون(يعني ٻنهي پنين) جو ڪجھ ڪجھ حصو(يعني ٻئي پيڏيون) کليل آهن. جيڪڏهن کليل انهن ٻنهي پيڏين کي ملائي ڪري ڏٺو وڃي، ته هي هڪ پني پيڏي سميت چوٿائي جي برابر ناهي پهتي. (حلبی کبیر، ص 211)، لهٰذا ٻئي پيڏيون کليل هجڻ جي حالت ۾ نماز صحيح ٿي ويندي جيتوڻيڪ

نيت کان ونڃي ڪري سلام ڦيرڻ تائين انهي طرح نماز پڙهي هجي.

ها جيڪڏهن پيڏين سان ڳڏوڳڏ پني جو ٻه ڪجهه حصو ڪليل رهجي ويو هيو جو جنهن جي مقدار چوٿائي پني جي برابر يا ان کان وڌيڪ هجي ۽ انهيءَ حالت ۾ نماز شروع ڪري ورتي، ته نماز شروع ئي نه ٿيندي ۽ نماز جي دوران اهڙي طرح جي ڪيفيت ٿي ۽ انهيءَ حالت ۾ رڪوع و سجود يا ڪو ٻيو رڪن ادا ڪري ورتو، ته نماز فاسد ٿي ويندي، اهڙي نماز کي ورائي پڙهڻ فرض رهندو. (فتاوی رضويه، 6/30 ملتقطاً) واضح رهي ته مرد و عورت ٻنهي تي لازم آهي ته شريعت نماز ۾ جن عضون کي لڪائڻ جو حڪم ڏنو آهي، باقاعده اهتمام سان انهن کي چڱي طرح لڪايو وڃي، ته جيئن نماز ادا ڪندي ڪنهن به طرح جي بي ستري نه ٿي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

(2) حيض جي حالت ۾ احرام جي نيت کان بغير مسجدِ عائشه مان لنگهڻ جو حڪم

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته هنده حيض جي حالت ۾ حرمِ مڪ کان مسجدِ عائشه تائين وئي ۽ پوءِ احرام جي نيت کان بغير ئي حرم ۾ ٻيهر واپس اچي وئي ڇوته ان جو عمري ڪرڻ جو ارادو نه هو. پوءِ ڇا ان صورت ۾ هنده تي ڪفارو واجب ٿيندو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جي نه! پڇيل صورت ۾ هنده تي ڪفارو لازم نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته مسجدِ عائشه حِل ۾ آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن شخص جو حِل مان اچڻ وقت عمري يا حج جو ارادو نه هجي ته بغير احرام جي به حرم جي حدن ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.

(ردالمحتار علی الدر المختار، 3/553-554)

هن صورت ۾ ان تي عمرو يا حج ڪرڻ لازم نه ٿيندو.

(بهار شريعت، 1/1068-1069)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

محمد وقار يونس عطاري

# پيرءِ مرشد جا حقوق



مرشد جي لفظي معنيٰ آهي، رهنماء، سڌي رستي تي هلائڻ وارو، حضرت مجدد الف ثاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پير اهو هوندو آهي جيڪو مريد جي مئل دل ۽ روح کي زنده ڪندو ۽ ان کي مڪاشفي ۽ مشاهدي تائين پهچائيندو آهي. (تصوف کا مکمل انسائيکلو پيڊيا،ص 95 )مرشد جي ذات اها ذات هوندي آهي جيڪا اسان کي الله ۽ ان جي رسول جي راهه تي هلائيندي آهي، سنتن تي عمل ڪرڻ جو طريقو ٻڌائيندي ۽ جذبو ڏيندي آهي، اسان جي ظاهر ۽ باطن کي پاڪ ڪندي آهي ۽ شريعت جي روشنين ڪان سجائيندي آهي.

**مرشد جي ضرورت:** الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ ته هر مومن ٻانهي جي لاءِ عين سعادت آهي جوته الله پاڪ جي طرفان مومنن کي قرب الٰهي حاصل ڪرڻ جو حڪم آهي. قرب الٰهي ۽ روحاني منزلون طئي ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن ماهر استاد يا قربِ الٰهي جي حامل شخص جي رهنمائي ضروري آهي ولي ۽ شيخِ طريقت جي حيثيت ته صرف روحاني رهنما ۽ نگران جي آهي جڏهن اولياء جي دامن ڪان حَق جا طالب وابسته ٿيندا آهن ته اهي ان کي محفوظ رستن ڪان قربِ الٰهي جون منزلون طئي ڪرائيندا آهن.

هتي پيرومرشد جي متعلق ڪجهه حقوق لکيا ويا آهن، ملاحظ ڪيو.

**مرشد جو ادب:** مريد تي لازم آهي ته اهو هر لحاظ سان پنهنجي پيرو مرشد جو ادب ڪري. جيئن ته اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان (يعني مرشد ڪريم) جي ڪپڙن، ان جي ويهڻ جي جڳهه، ان جي اولاد، ان جي گهر، ان جي محلي ۽ ان جي شهر جي تعظيم ڪري.

(فتاویٰ رضویہ،369/24 ملخصاً)

**مرشد جي حڪم جي بجاآوري ڪرڻ:** مريد جي لاءِ ضروري آهي ته اهو شريعت جي حڪم ۾ پنهنجي پير جي سامهون گهڻو عقل استعمال نه ڪري بلڪ پنهنجي پير جي حڪم تي سر جهڪائي ڇڏي.

سيدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو اهو(يعني پير صاحب) حڪم ڏي، ان جي بجاآوري ۾ دير نہ ڪري (بلڪ) سڀني ڪمن تي ان کي ترجيح ڏي.

(فتاوىٰ رضويہ،369/24 )

**پير جي بارگاه جو لحاظ رکڻ:** مريد جڏهن بہ پير جي بارگاه ۾ حاضر ٿي تہ ان کي گهرجي تہ خوب توجه سان، زبان ۽ دل کي پنهنجي قابو ۾ رکي. ڪجھ بزرگ فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن دنيادار وٽ ويهو تہ زبان سنڀالي ڪري ويهو جڏهن ولي الله جي بارگاه ۾ ويهو تہ دل سنڀالي ويهو. فتاوي رضويہ ۾ آهي: (پير جي بارگاه ۾) ڳالهائڻ تہ وڏي ڳالھ آهي پر ان جي سامهون اک، ڪن، دل مڪمل طور ان جي طرف مصروف رکي.

(فتاوىٰ رضويہ،369/24 )

**پير تي اعتراض نہ ڪري:** مريد تي هر صورت ۾ لازم آهي تہ پير تي اعتراض نہ ڪري. انهي حوالي سان سيدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پيرن تي اعتراض کان بچي چوتہ هي مريدن جي لاءِ زهر قاتل آهي، اهڙا مريد تمام ٿورا هوندا جيڪي پنهنجي دل ۾ شيخ تي اعتراض ڪن پوءِ ڪاميابي ماڻي وڃن.

(فتاوىٰ رضويہ، 510/21)

**پير جي حق کي سمجهڻ:** مريدن کي گهرجي تہ پنهنجي پير جي حقن کي سمجهن، ان کي پنهنجي زماني جي تمام ولين کان افضل سمجهن، مال جان، اولاد، سڀئي ان تي فدا ڪرڻ جي لاءِ تيار رهن. انهن جي هٿ ۾ ايئن رهن جيئن زنده جي هٿ ۾ مردو هوندو آهي، ان جي دوست کي دوست ۽ ان جي دشمن کي دشمن سمجهن.

(فتاوىٰ رضويہ ، 369/24ملتقطاً)

اسان الله پاڪ کان دعا ڪيون ٿا تہ اسان کي مرشد جي حق کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان جي مرشد ڪريم شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي اسان سان راضي فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم




عمران اختر عطاري مدني

واپارين جي لاءِ چڱائي ڪيو،

# ڪنهن جو رت نه نپوڙيو

ايثار، همدردي ۽ نفعو پچائڻ يعني ماڻهن کي فائدو پهچائڻ وغيره اخلاقيات جون اعليٰ صورتون آهن جو ته انهن تي اسلام گهڻو زور ڏنو آهي. رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي نفعو پچائڻ ۽ ٻين جو چڱو چاهڻ جي ترغيب ڏياري آهي، جيئن ته اَحَبُّ النَّاسِ اِلَى اللهِ تَعَالٰى اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ يعني ماڻهن مان الله جي نزديڪ پسنديده اهي ماڻهو آهن جيڪي ٻين کي نفعو پهچائين. (1)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: اَلدِّيْنُ النَّصِيْحَةُ دين ته خيرخواهي(يعني ٻين جي چڱائي چاهڻ جو نالو) آهي.(2)

پر افسوس! اڄڪلهه اڪثريت خريداري ۽ وڪري، ڏيڻ وٺڻ ۽ مالي معاملن ۾ اسلام جي ان خوبصورت تعليمات تي توجه نٿي ڏي.

انهن معاملن ۾ چڱو چاهڻ جي بدران هٿراڏو منافعي ڪان ڪم ورتو وڃي ٿو. جڏهن ته اسان جي اسلامي تعليمات ۽ اسان جي بزرگن جو انداز اهڙو بلڪل نه هيو.

قرآن و حديث ۾ چڱي، ديندار ۽ الله پاڪ جي ياد ۾ مصروف رهڻ وارن واپارين جي تعريف ڪئي وئي آهي ۽ انهن جي مرتبي کي بيان ڪيو ويو آهي، جيئن ته الله پاڪ فرمايو:

رِجَالٌ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ

اهي مرد جن کي غافل نٿو ڪري ڪو سودو ۽ نه خريد و فروخت الله جي ياد (کان). (3) ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”سچا امانت دار تاجر“ نبين، صديقن ۽ شهيدن سان گڏ هوندا. (4) هتي سچي ۽ امانت دار واپارين مان مراد اهي آهن جيڪي(ٻين معاملن سان گڏوگڏ) خريداري ۽ وڪري جي احڪام سان تعلق رکڻ وارن تمام معاملن ۾ به سچائي ۽ امانت داري جو دامن پڪڙي رکن ٿا. (5)

اڳي جا مسلمان الله ۽ رسول جي انهن ارشادن تي دل ۽ جان سان عمل ڪندا ۽ واپار

۽ روزگار ۾ هڪ ٻئي جي فائدي جو خيال رکندا هيا. وڪڻڻ وارو خريدار جو ۽ خريدار وڪڻڻ واري جو خيال رکندو هيو، جيئن ته حضرت يونس بن عبيد بصري رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ جو واقعو آهي ته انهن جي دڪان مان هڪ شخص سندن ملازم کان پنهنجي مرضي مطابق هڪ جبّو 400 درهمن ۾ خريد ڪيو حالانڪ ان جي قيمت 200 درهم هئي. حضرت يونس بن عبيد رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ کي خبر پئي ته انهن 200 درهم ڪيس واپس ڪرائي ڏنا. (6)

هي ته خريدار جو خيال رکڻ جي باري ۾ واپاري جو واقعو هيو اهڙي طرح خريدار به وڪڻڻ واري جو تمام گهڻو خيال رکندا هيا. جيئن ته هڪ واقعو آهي ته حضرت جرير رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو غلام سندن چوڻ تي هڪ گهوڙي جو سودو ٽي سو درهم ۾ طئي ڪري گهوڙي ۽ مالڪ کي سندن وٽ وٺي آيو ته جيئن اهي رقم ادا ڪن حضرت جرير رَضِیَ اللہُ عَنْہ گهوڙو ڏسي ڪري مالڪ کي چيو: تنهنجو گهوڙو ٽي سو درهم کان ته گهڻا تو لهي، ڇا تون چارسو درهم ۾ وڪڻندي؟ ان چيو جيئن اوهان جي مرضي، پوءِ پاڻ هرهر اها ئي ڳالهه ڪندي، سؤ، سؤ درهم وڌائيندي ان کي گهوڙو وڪڻڻ جي آفر ڪندا رهيا، آخرڪار پاڻ ٽي سؤ جي بجائي اٺ سو درهم ڏئي ڪري گهوڙو خريد ڪيو. جڏهن ماڻهن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي هن عمل جي باري ۾ سوال ڪيو ته فرمايائون: بيشڪ مون تمام مسلمان سان خيرخواهي ڪرڻ تي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بيعت ڪئي آهي. (7)

بدقسمتي سان اڄ جا مسلمان ان خوبصورت جذبن کان محروم ٿيندا پيا وڃن، گراهڪ ۽ واپاري مان هرهڪ نفعي خوري جي تاڙ ۾ نظر اچي ٿو، هرهڪ جي سوچ اها هوندي آهي ته ڪنهن به طرح فائدو ملي وڃي جيتوڻيڪ سامهون واري کي نقصان ٿي وڃي. نفعي خوري جي سوچ ذهن ۾ ايئن ويهي وئي آهي جو ان جي لاءِ وياج، رشوت، ملاوت ماپ تور ۾ هيرڦير، دوکيبازي، بازارن ۾ شين جي نقلي ۽ مصنوعي قلت ۽ طرح طرح جا نوان نوان طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا. هڪ تعداد ته اهڙن واپارين جي به آهي جيڪي زلزلي، سيلاب يا ٻين طوفان ۽ آفتن جي حالات ۾ تنبو ۽ ٻيون ضرورت جون شيون تمام گهڻيون مهانگيون ڪري ڇڏيندا آهن. بعض اوقات ته ايئن لڳندو آهي ته هي ماڻهو زلزلي ۽ ٻوڏ جي انتظار ۾ هوندا آهن ته ڪڏهن ٿي ماڻهن جي ضرورت وڌي ۽ هي واپاري پنهنجي شين جي ٻيڻي قيمت وصول ڪن. وبائي بيمارين ۾ ان وباء جي متعلق حفاظتي شين بلڪ دوائن جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي، ائين ئي عيدالاضحیٰ جي موقعي تي قرباني جي جانورن ۽ رمضان المبارڪ ۾ افطاري جي لاءِ ميون جون قيمتون به جڻ آسمان تي پهچي وينديون آهن. هن جا ڪجهه برا اثر هي آهن ته.

معاشري ۾ بي حسي وڌي رهي آهي. همدردي جو خاتمو ٿي رهيو آهي. ماڻهن جي مجبورين کان ڪيڏيو پيو وڃي. اسلامي ڀائيچارو ختم ٿي رهيو آهي. سيني کان وڌيڪ هي تہ هڪ ٻيئي کي ڏسي معاشري ۾ هن قسم جي بي حس ماڻهن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي.

يقيناً جيڪڏهن اسان اسلام جي تعليمات تي پاڻ بہ عمل ڪيون ۽ ان کي ٻين مسلمانن تائين پهچائي ڪري انهن کي بہ ان تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريون تہ اسان جي معاشري ۾ امن و سڪون، ڀائيچاري، اتحاد و محبت ۽ بهتر معيشت جا حسين نظارا ڏسڻ جي لاءِ ملندا.

(1)معجم کبیر، 12/ 346، حدیث: 13646

(2)مسلم، ص 51، حدیث: 196

(3)پ 18، النور: 37

(4)ترمذی،5/3،حدیث: 1213

(5)تیسیرللمناوی، 1 / 459

(6)احیاء العلوم، 2 / 102

(7)الکواکب الدراری، 1 / 219، تحت الحدیث: 58۔

# اوهان جي خوابن جي تعبير




مولانا اسد عطاري مدني

خواب: مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ منهنجي موٽرسائيڪل چوري ٿي وئي آهي، ان جي تعبير ٻڌايو؟

تعبير؛ جيڪڏهن واقعي اوهان وٽ موٽر سائيڪل آهي، تہ ان جي حفاظت جا سبب اختيار ڪيو! باقي خواب جي بنياد تي ضروري ناهي تہ چوري ٿي هجي، بعض اوقات ڪنهن جي خبر يا ڪو پراڻو خيال بہ خواب جي شڪل ۾ نظر اچي ويندو آهي پڻ پنهنجي سامان جي حفاظت تہ هُونئن بہ ڪرڻ گهرجي.

خواب: مون خواب ڏٺو آهي تہ مان نيڪي جي دعوت ڏئي رهي آهيان. ان جي تعبير ٻڌائيندا؟

تعبير: ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ تمام سنو عمل آهي، الله پاڪ جي طرفان ان نيڪ ڪم تي توفيق ملڻ جي دليل آهي، ڪوشش ڪنديون تہ برڪتون ملنديون.

خواب: جتي گهر جي ٽينڪي جو پاڻي ڪِرندو آهي. ان پلاٽ ۾ وڃان ٿي، اتان پلاٽ وٽان گلاب جي ٻوٽي مان گلن جي ٽاري ٽوڙيان ٿي، هڪ گلاب سڄو ٽِڙي رهيو آهي جڏهن تہ ٻيو ٽِڙڻ وارو آهي، جڏهن موٽان ٿي تہ گهر يلجي وڃان ٿي، ٿوري ڪوشش کان پوءِ گهر ملي وڃي ٿو. اندر گل جي ٽاري ڪٽي اچان ٿي. هن جي تعبير ٻڌائيندا.؟

تعبير: مجموعي طور تي گلاب جي گل جون تعبيرون تمام سنيون هونديون آهن، جيڪڏهن ڪا شادي شده ڏسي تہ ان جي لاءِ پٽناٽي اولاد جي خوشخبري آهي.

**خواب:** مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ منهنجي ڪمري ۾ ٻہ ماڻهو داخل ٿيا آهن جن کي ڪارو برقعو پاتل هيو، انهن جي هٿ ۾ هڪ ٻار آهي ۽ اهي ان ٻار کي گهٽو ڏئي رهيا آهن، مون کي چوڻ ٿا تہ تنهنجي ڳچي ۾ جيڪو تعويذ پاتل آهي اهو لاهي ڇڏيو، نہ تہ ٻار کي گهٽو ڏئي ڇڏينداسين. مان تعويذ نٿي لاهيان تہ هُو مونکي مارين ٿا.

**تعبير:** شيطان طرفان هن طرح جا خواب ڏيکاريا ويندا آهن. لاحول شريف جي ڪثرت ڪيو. سمهڻ کان پهريان آيت الڪرسي، سورت فلق ۽ سورت الناس پڙهڻ جي عادت بڻايو. الله چاهيو تہ اهڙا خواب نہ ايندا. ۽ ان خواب جي برن نتيجن کان حفاظت رهندي.

**خواب:** مان خواب ڏٺو آهي تہ منهنجا 10 پٽ آهن جڏهن تہ مون کي هڪ پٽ آهي.

**تعبير:** عام طور تي دل ۾ اولاد جي گهڻائي جي خواهش هوندي آهي. ۽ گهڻو ڪري ماڻهن جي خواهش پٽ جي هوندي آهي. خواب تمام سنو آهي. الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو! نعمت ملڻ جي علامت آهي.

**خواب:** مان خواب ۾ ڏٺو آهي تہ مان جمعي ۽ عيد جي نماز پڙهي رهيو آهيان تہ اوچتو زلزلو اچي ٿو سيئي ماڻهو ڀڄڻ لڳن ٿا امام جي پنيان صرف مان ئي رهجي وڃان ٿو.

**تعبير.** الله پاڪ رحم فرمائي، ڪرم فرمائي! زلزلو چڱي نشاني ناهي، باقي نماز ۾ بيٺو رهڻ چڱو آهي. ٿي سگهي ٿو اوهان کي عبادت ڪرڻ جي راهہ ۾ تڪليفون سامهون اچن جيڪڏهن اوهان ثابت قدم رهندؤ تہ الله پاڪ جي خاص توفيق نصيب ٿيندي عبادت ۾ قوت ملندي. ٿي سگهي تہ ڪجهہ خدا جي راهہ ۾ صدقو ڪيو.

سلسلو

اڇو ٻارو رسول الله جي حديث ٻڌون!

# ڪجھ بدفالي ٻہ ناهي

محمد جاويد عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو تہ: لَاطِيَرَةَ، وَلَاصَفَرَ يعني نحوست ۽ صفر ڪجھ بہ ناهي

(بخاری، 24/4، حدیث: 5707 ملتقطاً)

ڪنهن شيءِ، شخص، ڪم، آواز يا وقت کي پنهنجي حق ۾ برو سمجھڻ بدشگوني چورائيندو آهي.

(بدشگونی، ص 10)

ڪجھ ماڻهو صفر جي مهيني کي سنو نہ سمجھندا هئا تنهڪري اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: صفر ڪجھ بہ ناهي. يعني هن مهيني ۾ اهڙي ڪابہ نحوست، مصيبت بيماري وغيره ڪجھ بہ نہ آهي.

(اشعۃ اللمعات (فارسی)، 664/3 مفہوماً)

هي مهينو بہ ٻين اسلامي مهينن وانگر نهايت بابرڪت آهي، هن مهيني ۾ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پياري ڌيءَ حضرت فاطمہ جو نڪاح مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان ڪيو، هن مبارڪ مهيني ۾ الله پاڪ جي ڪيئي نيڪ ٻانهن جو عرس بہ آهي ۽ ٻيا بہ ڪوڙ اهم ڪم ۽ نيڪ ڪم هن ئي مهيني ۾ ٿيا آهن.

ڪجھ ماڻهو هن مهيني ۾ سفر ناهن ڪندا، هن مهيني ۾ شادي ناهن ڪندا، اهڙي طرح جيڪڏهن ڪا ڪاري ٻلي ڪنهن جي اڳيان گذري وڃي، ان جو رستو ڪٽي ڇڏي تہ سمجھندا آهن اڄوڪو ڏينهن سنو نہ گذرندو وغيره وغيره اهي سڀئي بدفالي جا مثال آهن.

پيارا ٻارو! اهڙي سوچ بلڪل درست ناهي. اسان جو پيارو دين اسلام بدفالي کان منع ڪري ٿو ۽ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اسان جي لاءِ ڪوبہ وقت، شيءِ، ڪم وغيره منحوس ناهي بلڪ سڀئي شيون الله پاڪ جون پيدا ڪيل آهن.

پيارا ٻارو! توهان کي بہ گهرجي تہ شروع ۾ لکيل حديث شريف جي مطابق هن طرح جي ڳالهين مان بدفالي نہ وٺو ۽ پنهنجي حق ۾ برو نہ سمجھو.

الله پاڪ اسان کي بدفالي ۽ ٻين گناهن کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اُمِّ ميلاد عطاريه

# اسلام ۾ بدفال ناهي

ڪجهه ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته هُو ڪجهه شين کي پنهنجي حق ۾ بهتر سمجهندا آهن، بعض شين کي پنهنجي حق ۾ منحوس سمجهندا آهن، انهي ڪري جيڪڏهن انهن کي ڪا مصيبت پهچي ته چوندا آهن ته هي فلاڻي جي نحوست آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان جو هي نقصان ٿيو مثال طور تي پاڻ ۾ لڙائي شروع ٿي وئي، رشتو ٽٽي پيو، جيتوڻيڪ انهن سڀني جو اصل سبب ڪجهه ٻيو هجي.

ياد رهي ته اسلام ۾ بدفالي جو ڪو تصور ئي ناهي ۽ هي صرف بي بنياد خيالات هوندا آهن جن کي وَهم به چئبو آهي. هي وَهَم ۽ بدشگونيون انسان کي اندر کان ڪمزور ڪري ڇڏينديون آهن، جڏهن ته هڪ مسلمان کي الله پاڪ تي پڪو ايمان رکڻ گهرجي هي پڪو يقين ۽ توڪل(يعني ڀروسو) مسلمان کي جرئت، بهادري ۽ اعتماد ڏيندو آهي. شريعت ۾ حڪم آهي: اِذَا تَطَيَّرْتُمْ فَامْضُوْا" جڏهن ڪا بدفالي ذهن ۾ اچي ته ان تي عمل نه ڪيو.

مسلمان کي گهرجي ته" لَا طَيْرَ اِلَّا طَيْرُكَ، وَلَا خَيْرَ اِلَّا خَيْرُكَ، وَلَا اِلٰهَ غَيْرُكَ" (ترجمو: اي الله! ناهي ڪا برائي پر تنهنجي طرف کان ۽ ناهي ڪا ڀلائي پر تنهنجي طرفان ۽ توکان سواءِ ڪو معبود ناهي.) پڙهي وٺي ۽ پنهنجي ربّ تي ڀروسو ڪري. جنهن ڪم جي باري ۾ برو گمان اچي رهيو هجي ته اهو ڪري وٺي.(1)



۽ جيڪڏهن پوءِ به مرضي جي مطابق نتيجا نه نڪرن يا ڪا بيماري يا پريشاني اچي ته ان تي هي ئي عقيدو رکڻ گهرجي ته هي الله پاڪ طرفان آهي نه وري ڪنهن شيءِ جي نحوست جي ڪري ائين ٿيو آهي جيئن قرآن ڪريم ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

(مَاۤ اَصَابَ مِنْ مُّصِیْبَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ یُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ یَهْدِ قَلْبَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمٌ ﴿۱۱﴾)

ترجمو ڪنزالعرفان: هر مصيبت الله جي حڪم ئي سان پهچي ٿي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻي الله ان جي دل کي هدايت ڏئي ڇڏيندو ۽ الله هر شيءِ کي خوب ڄاڻي ٿو. (2)

خلاصو هيءُ آهي ته موت، مرض ۽ مال جو نقصان وغيره مطلب ته هر مصيبت الله پاڪ جي حڪم سان ئي پهچندي آهي ۽ جيڪو شخص الله تعالي تي ايمان آڻي ۽ يقين رکي ته جيڪو ڪجهه ٿيندو آهي الله تعالي جي مشيت(يعني مرضي) ۽ ان جي اِرادي سان ٿيندو آهي ۽ مصيبت جي وقت اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ پڙهي ۽ الله پاڪ جي عطا تي شڪر ۽ آزمائش تي صبر ڪري ته الله تعاليٰ ان جي دل کي هدايت ڏئي ڇڏيندو جو اهو اڃا وڌيڪ نيڪين ۽ فرمانبرداري وارن ڪمن ۾ مشغول ٿي ويندو ۽ الله تعالي سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو. (3)

اها سوچ مسلمان کي هرحال ۾ مطمئن رکندي آهي ته جيڪو ٿيو الله پاڪ جي مرضي سان ٿيو، ان ۾ ضرور ڪا الله پاڪ جي حڪمت لڪيل آهي. منهنجو رب بهتر ڄاڻي ٿو.

اسلامي سال جي ٻئي مهيني جي متعلق به ماڻهن خاص طور تي عورتن ۾ ڪيئي غلط فهميون ڏٺيون وينديون آهن. هن مهيني کي مَردن تي ڀاري سمجهڻ، 13تاريخ کي منحوس سمجهڻ، هن مهيني کي بلائون لهڻ وارو مهينو سمجهڻ، بيمارين وارو مهينو سمجهڻ وغيره.

۽ هنن بي بنياد خيالن تي عمل ڪندي ڪيئي ڪمن کي هن مهيني ۾ ڪرڻ سان روڪيو ويندو آهي، مثلاً هن مهيني ۾ شادي نه ڪرڻ، سفر نه ڪرڻ، ڪاروبار جي شروعات نه ڪرڻ، انهي طرح صفر جي مهيني ۾ مختلف شيون پَچائي ڪري محلي ۾ انهي ڪري ورهائڻ جو هن مهيني جون بلائون ٽري وڃن، دين اسلام ۾ هنن ڳالهين جي ڪا اصل ناهي. اهڙين ڳالهين کي عام ڪرڻ وارا اڪثر اهي آهن جيڪي اسلام جي تعليمات کان پري آهن. جيڪڏهن اسان قرآن و حديث ۽ سنت جو علم حاصل ڪيون، سيرت جو مطالعو ڪيون ته نه صرف اسان جي ايمان کي قوت ملندي بلڪ صحيح ۽ غلط جي سڃاڻپ به ڪري سگهنداسين. شيرخدا حضرت علي رضی اللہ عنہ ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي حضرت فاطمه رضی اللہ عنہا جو نڪاح صفر جي مهيني ۾ ٿيو.(4) جيڪڏهن صفر جي مهيني ۾ شادي ڪرڻ منع هجي ها ته انهن هستين جي هن مهيني

۾ شادي ٿي ها؟ ۽ ڪنهن جو هي خيال آهي ته صفر المظفر جي مهيني ۾ صرف ناڪامي ئي جو منهن ڏسڻو پوندو آهي ته ايئن هرگز ناهي ڇوته صفر المظفر ئي اهو مهينو آهي جنهن ۾ اللّٰه پاڪ مسلمانن کي فتح ۽ ڪاميابي ڪان نوازيو ۽ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن پياري صحابه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم کي خيبر جي فتح عطا ٿي.(5)

اللّٰه تعالي اسان کي ڪنهن شيءِ کي به منحوس سمجهڻ ۽ ان مان بدفال وٺڻ ڪان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين

(1)فتاویٰ رضویہ،641/29،مفہوماً

(2)پ28، التغابن:11

(3)خزائن العرفان، ص1030،ملخصاً

(4)الكامل فی التاریخ،12/2

(5)البدایہ والنہایہ، 392/3۔

# وظائف



## اذ۾ سجي مٿي جي سور مان آرام ملندو ان شآءَ الله الڪريم

لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ 65 ڀيرا عصر جي نماز پڙهڻ کان پوءِ مٿي تي دم ڪرڻ سان اذ ۾ سجي مٿي جو درد الله پاڪ جي فضل سان ختم ٿي ويندو.



## ان شآءَ الله الڪريم پٽ جي نعمت ملندي!

عورت هر نماز کان پوءِ هڪ تسبيح يعني 100 ڀيرا سيپاري 17، سوره الانبياء جي آيت نمبر 89 پڙهي، ان شاءَ الله ان کي پٽ جي نعمت عطا ٿيندي.

(زندہ بیٹی کنویں میں پھینک دی، ص26،25)



## نظرِبد ڪيئن دور ڪيون؟

هڪ ڀيرَو سورة الڪوثر پڙهي ڪري ٻار جي ساڄي ڳل تي دم ڪيو. ٻيو ڀيرو سورة الڪوثر پڙهي ٻي کاٻي ڳل جي طرف ۽ ٽيون ڀيرو پڙهي ڪري ان جي پيشاني تي دم ڪيو ان شآءَ الله الڪريم نظر لهي ويندي. (شروع ۾ ٽي دفعا درود شريف، هڪ دفعو اَعُوۡذ ۽ هر دفعي سورة الڪوثر کان اڳ پوري بسم الله پڙهڻي آهي.) (بیمار عابد، ص43)




## چنگه جو سور چند منٽن ۾ ختم ٿي ويو

ماهوار فيضان مدينہ جي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ مولانا مهروز علي عطاري مدني کي هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌايو تہ اڄ صبح کان منهنجي هڪ چنگھ ۾ گوڏن کان پيرن تائين تمام گهڻو سور ٿي رهيو هو تہ مون عصر جي نماز کان پوءِ ماهوار فيضان مدينہ مئي 2023ء واري شماري مان ”دردن کان جنات جو وظيفو“ ڪجهه ڏھ منٽن لاءِ پڙهيو تہ مون کي سُور جي خبر بہ نہ پئي ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! منهنجي تڪليف دور ٿي وئي. ماهوار فيضان مدينہ جي شمارن ۾ جيڪي بہ روحاني علاج شامل ڪيا ويندا آهن، اهي تمام گهڻو فائديمند هوندا آهن. جيڪڏهن ماهوار فيضانِ مدينہ ۾ روحاني علاج نہ لکيل هجي ها تہ خبر ناهي منهنجي تڪليف جو ڇا ٿئي ها. الله پاڪ توهان کي ۽ ماهنامہ فيضان مدينہ جي سموري ٽيم کي سلامت رکي ۽ وڌيڪ ترقي عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# سڀ کان افضل نسب وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! اولادِ مصطفيٰ جو ڪيڏو شان نرالو آهي، هي اهي بلند مرتبي واريون هستيون آهن جن جي نسب جهڙو نسب دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ آهي. صحابي رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہ عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ: شان واري رسول، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ مخلوق کي 2 قسمن ۾ ورهايو، پوءِ مون کي ان مان افضل قسم ۾ رکيائين، پوءِ انهن 2 قسمن کي 3 قسمن ۾ ورهايائين، پوءِ مون کي انهن 3 مان سڀ کان افضل ۽ بهترين قسم ۾ رکيائين، پوءِ ان 3 قسمن جا قبيلا ٺاهيائين تہ مونکي سڀ کا افضل ۽ اعلىٰ قبيلي ۾ رکيائين، ان کان پوءِ قبيلن کي خاندانن ۾ ورهايائين، پوءِ مون کي افضل ۽ بهترين خاندان ۾ رکيائين،

جيئن الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾ (پ22،الاحزاب:33)

ترجموڪنزُالعرفان: اي نبيءَ جا گهروارؤ! الله تہ اهو ئي چاهي ٿو تہ توهان کان هر ناپاڪي دور ڪري ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب صاف سٿرو ڪري.